روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 09 اپريل 2023ع بمطابق 18 رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 316

صدر سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڈ پروسيجر بل واپس پارليامينٽ کي اماڻي ڇڏيو

سراسري طور بل پارليامينٽ جي اختيار کان ٻاهر آهي، بل قانوني طور تي هٿرادو ۽ اٽڪورو هئڻ تي عدالت ۾ چئلينج ڪري سگهجي ٿو : عارف علوي

آئين سپريم ڪورٽ کي اپيل، ايڊوائزري، ريويو ۽ شروعاتي اختيار ٻڌڻي سان نوازي ٿو، ڄاڻايل بل آرٽيڪل 3/184 عدالت جي شروعاتي ٻڌڻي جي اختيار بابت آهي

اهو خيال ساراهه جوڳو ٿي سگهي ٿو پر ڇا هن مقصد کي آئين جي قلمن ۾ ترميم کان سواءِ حاصل ڪري سگهجي ٿو؟

تسليم ٿيل قانون تہ اهو آهي تہ آئيني قلمن ۾ عام قانون سازي ذريعي ترميم نٿي ڪري سگهجي، آئين هڪ اعليٰ قانون آهي ۽ قانونن جو پيءُ آهي

آرٽيڪل 191 سُپريم ڪورٽ کي عدالتي ڪارروائي ۽ طريقيڪار ريگوليٽ ڪرڻ لاءِ قانون ٺاهڻ جو اختيار ڏئي ٿو، آئين جي ان قلمن تحت سُپريم ڪورٽ رولز 1980 ٺاهيا ويا

سُپريم ڪورٽ رولز 1980 تي سال 1980 کان عملدرآمد ڪيو پيو وڃي، انڪري چند ڄاڻ ٿيل قانون سان هٿ چراند عدالت جي اندروني ڪارروائي، خود مختياري ۽ آزادي ۾ مداخلت ڪرڻ برابر ٿي سگهي ٿي

اسلام آباد (م ڊ) صدر ڈاڪٽر عارف علوي سپريم ڪورٽ (پريڪٽس اينڈ پروسيجر) بل 2023 کي نظرثاني لاءِ واپس پارليامينٽ کي اماڻي ڇڏيو صدر عدالتي سڌارن بابت بل

پاڪستان آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جو ميمبر آهي، فقير ناهي: اسحاق ڈار

ڪوڇئي رهيو آهي تہ مون تي آءِ ايم ايف پابندي لڳائي آهي، آءِ ايم ايف مان پابندي نڪولڳائي سگهجي، پاڪستان آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ جو ميمبر آهي، ڪو ب پنگ ناهي

ناٽي واري وزارت جي بنيادي ذميواري پئسن جي حوالي سان آهي، سپريم ڪورٽ وفاقي حڪومت کي 21 ارب روپيا ڈيٽ لاءِ اليڪشن ڪميشن کي مهلت ڏئي ڇڏي آهي

عدالت رقم فراهم ڪرڻ لاءِ 10 اپريل تائين اليڪشن ڪميشن کي 11 اپريل تائين پيش رفت کان آگاهه ڪرڻ جو ب حڪم ڏنو

پاڪستان ۾ آئيني بحران آهي، بحيثيت قوم اسان هڪ ٻوڙ ۾ ڪاٽل آهيون، وزيراعظم جي درخواست تي مون پنهنجو آمريڪا جو دورو ملتوي ڪيو آهي

ملڪي صورتحال کي نظر ۾ رکندي آئون آمريڪا جو دورو ملتوي ڪريان ٿو. ناٽي واري وزير جو چوڻ هو تہ اهم قومي معاملن تي ٽلهي ليکي ۽ اجائي تجزيا مناسب ناهي

ڪوڇئي رهيو آهي تہ مون تي آءِ ايم ايف پابندي لڳائي آهي، آءِ ايم ايف مان پابندي نڪولڳائي سگهجي، پاڪستان آءِ ايم ايف جو ميمبر ناهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ناٽي واري وزير سينيٽر اسحاق ڈار چيو آهي تہ ڪوڇئي رهيو آهي تہ مون تي آءِ ايم ايف پابندي لڳائي آهي، آءِ ايم ايف مان پابندي نڪو لڳائي سگهجي، پاڪستان آءِ ايم ايف ۽ ورلڈ بينڪ جو ميمبر آهي، ڪو ب پنگ ناهي، اسلام آباد

مان جاري ڪيل وڊيو بيان ۾ ناٽي واري وزير اسحاق ڈار چيو آهي تہ ناٽي واري وزارت جي بنيادي ذميواري پئسن جي حوالي سان آهي، سپريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مولانا فضل الرحمان چيف جسٽس کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

چيف جسٽس تڪراري فيصلن سپريم ڪورٽ کي ورهائي ڇڏيو آهي : پي ڊي ايم سربراهه

چيف جسٽس عمر عطا بندديال جهڙي طرح پنهنجي تڪراري فيصلن سان سپريم ڪورٽ جهڙي معزز اداري کي ورهايو

ملڪ جي سپريم اداري پارليامينٽ سان جهيڙي جي پوزيشن تي آڻي هن ملڪ ۽ رياست کي جهڙي طرح جي بحران ۾ مبتلا ڪيو آهي

اسلام آباد: ناٽي وارو وفاقي وزير اسحاق ڈار اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. پي ڊي ايم سربراهه چيو آهي تہ چيف جسٽس تڪراري فيصلن سپريم ڪورٽ کي ورهائي ڇڏيو آهي. سماجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

صدر عارف علوي پارليامينٽ کي قانونسازي نہ سيکاري: شيري رحمان

صدر بل نظرثاني لاءِ واپس اماڻي ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ هو پي ٽي آءِ جو جنرل سيڪريٽري آهي

بل ملڻ کان اڳ ئي صدر هڪ انٽرويو ۾ پنهنجو موقف ڏئي چڪو هو

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي طرفان پنهنجي رد عمل ۾ چيو آهي تہ صدر بل نظرثاني لاءِ واپس اماڻڻ تي شيري رحمان تي آءِ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وزيراعظم اڄ وفاقي ڪابينا جو اجلاس طلب ڪري ورتو

اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ جي فيصلي بابت حڪمت عملي ۽ قانوني مشاورت ڪئي ويندي

وفاقي ڪابينا قومي سلامتي ڪميٽي جي فيصلن جي منظوري ڏيندي : ذريعا

اسلام آباد(م ڊ)وزيراعظم شهباز شريف گذريل ڏينهن وفاقي ڪابينا جو اجلاس طلب ڪري ورتو. ذريعن موجب وفاقي ڪابينا جو اجلاس اڄ 2 وڳي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

گيس اڇي نہ اڇي بل اڳ ۾ ڪن يا وڌيڪ آيندو سوئي ناردرن بلن ۾ اضافي رقم شامل ڪري ڇڏي

صارفين کي هلندڙ مهيني 8 کان 115 سيڪڙو تائين بقايائون ادا ڪرڻيون پونديون

نئين ٽيرف ۾ پروٽيڪٽڊ گهريلو صارفين جي ڪيٽيگري متعارف ڪرائي وئي آهي : ذريعا

نومبر کان فيبروري تائين 0.9 ايم ايم بي ٽي يو تائين گيس استعمال ڪندڙ صارفين کي رعايتي اگهن تي گيس ڏني ويندي

ڪراچي (م ڊ) گيس اڇي نہ اڇي بل اڳ ۾ ڪن يا وڌيڪ آيندو سوئي ناردرن گيس بلن ۾ واڌو رقم شامل ڪري ڇڏي. صارفين کي هلندڙ مهيني 8 کان 115 سيڪڙو تائين بقايائون ادا ڪرڻيون پوندیون. ذريعن موجب جنهن صارف جو بل 500 هزار کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

چيف جسٽس فل ڪورٽ ناهي ملڪ کي بحران مان ڪڍي سگهيو تي: ڈاڪٽر عبدالمالڪ

هن وقت ملڪ ۾ سياسي، معاشي ۽ قانوني بحران آهي. عدليه کي پاڻ کي تڪراري نہ بنائڻ گهرجي ها

ملڪ جي موجوده صورتحال انتهائي مايوس ڪندڙ آهي، ملڪ هن وقت سخت سياسي، آئيني ۽ معاشي بحران ۾ مبتلا آهي

عدليه ۽ استيبلشمينٽ اندر ورهاست ٽي چڪي آهي بحران مان ڪيئن ٻاهر نڪرڻ ماٺهو سياستدان هجن يا عدليه اهي پاڻ ۾ ئي اتڪيل آهن

ڪوئٽہ (م ڊ) بلوچستان جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ نيشنل پارٽي جي سربراهه ڈاڪٽر عبدالمالڪ بلوچ چيو آهي تہ هن وقت ملڪ ۾ سياسي، معاشي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

نيشنل پارٽي سربراهه ڈاڪٽر عبدالمالڪ بلوچ

عمران خان جي نااهلي خلاف درخواست ٻڌڻي لاءِ مقرر

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس عامر فاروق 19 اپريل تي ٻڌڻي ڪندو

البڪشن ڪميشن عمران خان کي اسيمبلي ميمبر طور نااهل ڪندي ڪيس ڊي سيٽ ڪري ڇڏيو

اسلام آباد(م ڊ) ترشر خان ريفرنس ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي نااهلي خلاف درخواست ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

خوراڪ ڪاڻي پنجاب جون مريد ڪي ۽ صادق آباد ۾ ڪارروايون، ڪنڊ جون 36 هزار هوريون هٽ

مريد ڪي ۾ فلورمل جي چٽن گودامن تي ڇاپا هنيا ويا جن مان ڪنڊ جون 30 هزار هوريون هٽ آيون

ٻئي ڪارروائي صادق آباد ۾ هڪ فيڪٽري ۾ ڪئي وئي جتي چانورن جي هورين رڄ ۾ لڪايل ڪنڊ جون 6 هزار هوريون هٽ ڪيون ويون

ڪنڊ جون اهي هوريون غير قانوني طور تي ذخيرو ڪيون ويون هيون. ناجائز ذخيرو ڪندڙن ۽ اسمگلرن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻڻ ويندو : زمان وٽو

لاهور (م ڊ) پنجاب جي خوراڪ ڪاڻي مريد ڪي ۽ صادق آباد ۾ ڪارروائي ڪندي ڪنڊ جون 36 هزار هوريون هٽ ڪيون ويون. خوراڪ ڪاڻي مرڪب لاهور ويجهو مريد ڪي ۾ فلورمل جي چٽن گودامن تي ڇاپا هنيا ويا جن مان ڪنڊ جون 0 هزار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاهور: خوراڪ ڪاڻي پنجاب پاران مريد ڪي ۽ صادق آباد ۾ ڪارروائي دوران هٽ ڪيل ڪنڊ جون هوريون پيل آهن

ڪراچي نارٿ ناظم آباد ۾ پوليس مقابلو، 3 ڏاڙيل مارجي ويا

بابا موڙ وٽ 3 ڏاڙيل شهرين کي قرڪري فرار ٿي رهيا هئا تہ پوليس ۽ ڏاڙيلن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ ٿي

مارجي ويل جوابدارن جي قبضي مان هٿيار، موٽرسائيڪل ۽ چوري جو سامان هٽ ڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علاقي نارٿ ڪراچي ۾ پوليس مقابلي ۾ 3 ڏاڙيل مارجي ويا. پوليس اختيارين موجب نارٿ ڪراچي جي علاقائي بابا موڙ وٽ 3 ڏاڙيل شهرين کي قرڪري فرار ٿي رهيا هئا تہ پوليس ۽ ڏاڙيلن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ ٿي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

حيدرآباد: ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ طرفان تعليمي ادارن کي اين جي اوز حوالي ڪرڻ خلاف احتجاج

ورڪرز ماڊل اسڪول جي ليڪچرارز، استادن ۽ ٻئي اسٽاف جي ميمبرن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وزن جي تحت ورڪرز ويلفيئر فنڊ جو قيام عمل ۾ آندو ويو ۽ ان سلسلي ۾ ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ قائم ڪيو ويو : مظاهرين

18 هين ترميم کان پوءِ اهو ادارو صوبن جي حوالي ڪيو ويو پر ان ۾ صرف سنڌ جي تعليمي ادارن کي پوئتي ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد پريس ڪلب آڏو ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ جي 27 تعليمي ادارن کي اين جي اوز حوالي ڪرڻ خلاف سڄي سنڌ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

آشيانہ ريفرنس: شهباز ۽ ٻين جي بريت جي درخواست داخل

نيب جي جاچ رپورٽ ۾ هن وقت تائين ڪا ب ڪرپشن ثابت ناهي ٿي : درخواستن ۾ موقف

ضمني جاچ رپورٽ ۾ نيب کي بيگناهه قرار ڏنو ويو آهي

لاهور(مانيٽرنگ ڊيسڪ) آشيانہ هائوسنگ ريفرنس ۾ شهباز شريف ۽ ٻين جوابدارن جي آهن. آشيانہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

وزيراعظم هائوس ۾ داخل ٽيندڙ شڪي شخص کي حراست ۾ ورتو ويو

شڪي شخص 3 ڏينهن اڳ مختلف رستن ذريعي وزيراعظم هائوس ۾ داخل ٽيو هو : ذريعا

سي ٽي ڊي جوابدار کي اڪاتل هٽ منتقل ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) وزيراعظم هائوس ۾ داخل ٽيندڙ شڪي شخص کي حراست ۾ ورتو ويو. ذريعن موجب شڪي شخص 3 ڏينهن اڳ مختلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

وفاقي گهرو وزير رانا ثناءالله (فائيل فوٽو)

ڪراچي: بولٽن مارڪيٽ ۾ رهائشي عمارت کي باهه لڳي وئي، هڪ ڄڻو سڙي فوت، 3 زخمي

بولٽن مارڪيٽ ويجهو عمارت جي چوٽين ۽ ڏهين منزل تي اوچتو باهه لڳي وئي

فائربرگيڊ پاران باهه تي مڪمل ڪنٽرول ڪيو ويو آهي، نائين منزل کي ڪليئر ڪرايو ويو

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي جي ڪمشنر کي ريسڪيو جو ڪم تيز ڪرڻ جي هدايت ڪري

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي بولٽن مارڪيٽ ۾ رهائشي عمارت جي 10 هين ماڙ کي اوچتو باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو سڙي فوت ڏهن تہ 9 عورتن سميت 25 ڄڻن کي ريسڪيو ويو. 3 ڄڻا بيهوش ٿي ويا. ڪراچي جي علاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: بولٽن مارڪيٽ ۾ لڳل باهه کي فائربرگيڊ گاڏيون وسائي رهيون آهن

اها ڳالهه پٽرتي لکير آهي تہ 90 ڏينهن دوران پنجاب ۾ چونڊون نتيجون ٽي سگهن: رانا ثناءالله

جڏهن سپريم ڪورٽ جو حڪم ئي موجود ناهي تہ پوءِ ڪيئن فيصلي جي تائيد ۽ پيروي ڪئي وڃي

جيڪڏهن ڪو شڪ هو تہ اهو ب جسٽس اطهر من الله جي تفصيلي فيصلي کان پوءِ ختم ٿي ويو آهي

جسٽس اطهر من الله جي فيصلي کان پوءِ اليڪشن ڪميشن کي ب پنجاب ۾ چونڊون ڪرائڻ جي فيصلي تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد(م ڊ) وفاقي گهرو وزير رانا ثناءالله چيو آهي تہ اها ڳالهه هاڻ پٽرتي لکير آهي تہ 90 ڏينهن ۾ پنجاب جون چونڊون نتيجون ٽي سگهن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عمراني فتني کي بچائڻ لاءِ عمراني نظريہ استعمال ڪيو پيو وڃي: جاويد لطيف

پاڪستان ۾ معاشي، معاشي، عدالتي ۽ اخلاقي بحران آهي، دنيا پاڪستان ۾ اهڙو انصاف نہ ڏنو آهي

ضرورت جي نظريي کي 1958ع ۾ آزاديءَ سان استعمال ڪيو ويو، ضرورت جو نظريو قومي مفاد ۾ ورتو وڃي ٿو

لاهور(م ڊ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ جاويد لطيف چيو آهي تہ عمران فتني کي بچائڻ لاءِ عمران جو نظريو استعمال ڪيو پيو وڃي لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جاويد لطيف چيو تہ اڄ ملڪ ۾ هر طرف بحران نظر اچي رهيا آهن هن وقت پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اجمل ساوند جي پٽ جو خط، بابا کي قبائلي دهشتگردي ڪائي وئي: ريحان

بابا فرانس مان واپس اچي سنڌ جا مٽي هاڻا ٻار پڙهائڻ آيو هو ۽ هُو جهالت جي گولين جو ڪاڇ ٻڌجي ويو

آئون روئان نٿو، ڏڪ ۾ ورتل منهنجي امڙ جي اکين ۾ ڳوڙها دفن ٿي ڇڪا آهن

منهنجي ننڍڙي دماغ مٽان وڏي مزاحمت لامارا ڏئي رهي آهي آئون بابا جو پلاند وٺڻ چاهيان ٿو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مسڪين ماڻهن جي پنڪڻ بارڻ ۾ عمل جو ڊيئو روشن ڪرڻ جي خواب سانڍي پرڏيهہ مان سنڌ پهچڻ بعد گولين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

قمبر ۾ مڙس زال کي ۽ قمبو سعيد خان ۾ پيءُ هٿان ڏيءُ قتل

ڪوٽ فتو حل ڪراماٽي ۾ جوابدار شير محمد چانڊيو ڪارنهن الزام ۾ انور خاتون کي قتل ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي مقتولا عورت جو لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل

قمبو سعيد خان (رپورٽر) قمبر ۽ قمبو سعيد خان ۾ ٻن عورتن کي ڪارنهن جي تهمت مڙهي بيندردي سان قتل ڪيو ويو آهي قمبر جي ڪوٽ فتو حل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

جج نوٽ: سوشل ميڊيا تي پي تي آءِ حامين جي جسٽس اطهر من الله مٿان سخت تنقيد

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي جسٽس اطهر من الله جو فيصلو سامهون اچڻ کان پوءِ تحريڪ انصاف جي حامي سوشل ميڊيا اڪائونٽس تي سندس مٿان سخت تنقيد ڪئي پئي وڃي. پنجاب ۽ خيبرپختونخواهہ ۾ چونڊن بابت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڊاڪٽر عاصم جي بريت واري درخواست رد

احتساب عدالت ۾ ڊاڪٽر عاصم حسين ۽ ٻين خلاف ريفرنس جي ٻڌڻي ٿي

ڊاڪٽر عاصم جي بريت واري درخواست تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي احتساب عدالت پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ڊاڪٽر عاصم حسين جي بريت واري درخواست رد ڪري ڇڏي. احتساب عدالت ۾ ڊاڪٽر عاصم حسين ۽ ٻين خلاف ريفرنس جي ٻڌڻي ٿي. ڊاڪٽر عاصم جي بريت واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: وفاقي وزير جاويد لطيف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

الڪشن ڪميشن کي 10 اپريل تائين فنڈ نہ ملڻ جا امڪان

10 اپريل تائين انتصادي رابطا ڪميٽي جو ڪو ب اجلاس نہ ٿيڻ جو امڪان آهي : حڪومتي ذريعا

وزيراعظم کي سرڪيوليشن سمري مان فنڈز جي منظوري جو اختيار آهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) حڪومتي ذريعن جو چوڻ آهي تہ الڪشن ڪميشن کي 10 اپريل تائين چونڊن لاءِ فنڈ تہ ملڻ جو امڪان آهي. الڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري حماد اظهر سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

عوام گئس جا بل گورنر هائوس ۾ جمع ڪرائين، اهي صفر ٿي ويندا : گورنر سنڌ

ايم ڊي ايس جي سي ڪي گئس جي بندش تي عوام جي ردعمل کان آگاهہ ڪيو آهي

ايم ڊي ايس جي سي ڪي چيو آهي تہ گئس نہ هجڻ تي بل نہ موڪليا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري جو چوڻ آهي تہ آءِ جي سنڌ جي 4 ڏينهن جو اختيار ڏيو منهنجي ڪوآرڊينيشن سان 5 هين ڏينهن ڪو ب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

عدالت جو رخ هڪ سياسي جماعت ڏانهن نظر اچي رهيو آهي: عطا تارڙ

فيصلي سان هڪ سياسي جماعت کي فائدو پهچائڻ واري خيال کي هٿي ملي رهي آهي

جسٽس اطهر من الله جو فيصلو ب واضح اشارا ڏئي رهيو آهي

لاهور (م ڊ) سپريم ڪورٽ ۾ ورچ واضح طور تي نظر اچي رهي آهي، عدالت جو رخ هڪ سياسي جماعت ڏانهن نظر اچي رهيو آهي: وزيراعظم جي خاص معاون عطا تارڙ چيو آهي تہ فيصلي سان هڪ سياسي جماعت کي فائدو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

حيدرآباد: ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ طرفان تعليمي ادارن کي اين جي اوز حوالي ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ گرين لائن بس سروس جو وقت عارضي طور تبديل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ گرين لائن بس سروس جو وقت عارضي طور تبديل ڪيو ويو آهي. ترجمان موجب اهو فيصلو رمضان المبارڪ دوران شهرين جي رات دير سان مصروفيتن سبب ڪيو ويو آهي گرين لائن بس سروس هاڻي صبح 7 وڳي کان رات 11:30 وڳي عبدالله چوڪ، سرجاني ٽائون کان نمائش چورنگي استيشن تائين جاري رهندي. ان کان علاوہ ڊائون ٽريڪ نمائش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پرياستي جي سينئر صحافي جو پٽ ۽ ائين ڪلاس جو شاگرد سڪرمان پراسرار نموني گم

پرياستي (رپورٽر) پرياستي جي سينئر صحافي جو پٽ ۽ ائين ڪلاس جو شاگرد سڪرمان پراسرار نموني گم وارث پريشان ان سلسلي ۾ نينگر جي والد صحافي غلام مرتضي دشتي ٻڌايو تہ آءِ سڪر جي ٽائون شپ واري علاقي ۾ رهندو آهيان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: ٽرالر ۽ ڪار جي ٽڪر ۾ 3 ماڻهو جاڪوڙ ٿي ويا

ڪار ۾ سوار ٻه ماڻهو زخمي ٿيا، ٽرالر ڊرائيور موقعي تان فرار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ٽرالر ۽ ڪار جي ٽڪر ۾ 3 ماڻهو جاڪوڙ ٿي ويا. ڪار ۾ سوار ٻه ماڻهو زخمي ٿيا، ٽرالر ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو. ڪراچي جي علاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: ٽرالر ۽ ڪار جي ٽڪر ۾ 3 ماڻهو جاڪوڙ ٿي ويا

آدمشماري ۾ 66 فيصد شهري آبادي ڪٽڻ ڪان رهجي وئي آهي: فاروق ستار

پيپلز پارٽي جي صوبائي حڪومت پنهنجي ماتحت ملازمن کان آدمشماري ڪرائي پنهنجي سياسي مفادن جو تحفظ ڪيو آهي

متحده آدمشماري کي رد ڪري ٽي ۽ صوبائي حڪومت کان مطالبو ڪري ٽي شفاف طريقي سان ٻيهر آدمشماري ڪرائي وڃي

آدمشماري ۾ پيپلز پارٽي پنهنجي سياسي مقصدن جو تحفظ ڪندي ڪراچي جي شهري آبادي کي لڪايو ويو آهي

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) ڪراچي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينيٽر اڪبر ڏيڻي ڪنوينر ڊاڪٽر فاروق ستار ڳالهائيندي چيو ته ٽيندڙ آدمشماري ۾ 66 فيصد شهري آبادي ڳڻپ کان رهجي وئي آهي پيپلز پارٽي جي صوبائي حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي: ايم ڪيو ايم پاڪستان جو اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪمبٽ ۾ پروفيسر اجمل ساوند جي بيرحماڻي قتل خلاف احتجاج، نعريبازي

ڪراچ جيل ۾ مختلف اسڪولن جي شاگردن استادن شهرين سياسي سماجي ڪارڪنن پاران ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو

شهيد اجمل ساوند جو قتل سنڌ جي شعور جو قتل آهي، جنهن جي جبتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي: مظاهرين جون دانهون

ڪمبٽ(رپورٽر) آءِ بي اي يونيورسٽي جي پروفيسر شهيد اجمل ساوند جي قتل خلاف ڪولاب جيل ۾ مختلف اسڪولن جي شاگردن استادن شهرين سياسي سماجي ڪارڪنن پاران ريلي ڪڍي احتجاج مظاهرو سردار ۽ پوتارڪي نظام نامنظور جا نعرا. قاتلن کي جلد گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ان سلسلي ۾ احتجاج ڪندي وقار احمد ابڙو، اظهر حسين ابڙو، آصف علي، عاجز غلام رسول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نٽي جي مختلف واردن ۾ صفائي نه ٿيڻ سبب بيماريون ڦهلجڻ جو خدشو

لاڪاپيل انتظاميه اطلاع باوجود غائبم ، شهري سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا

ڪچرو هٽائي صفائي ستراڻي ڪرائي شهرين کي پريشاني کان بچايو وڃي: مطالبو

چونڊيل نمائنده تونڊي ميونسپل ڪميٽي جو عملو ڪوبه ڏيان ڏيڻ لا تيار ناهي: رهواسي

نٽو(ب) نٽي شهر جي مختلف محلن ۽ واردن ۾ ڪيترين ئي وقت کان وڃي صفائي، ستراڻي ۽ ٽيڻ ڪري گندگي ۾ اضافو ٽيڻ ڪري مختلف رڇرندڙ بيماريون ڦهلجڻ جو انديشو وڌي ويو آهي، جنهن ڪري شهري سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. ان سلسلي ۾ نٽي شهر جي مختلف محلن ۽ واردن ۾ ڪيترين ئي وقت کان وڃي صفائي، ستراڻي ۽ ٽيڻ ڪري گندگي ۾ اضافو ٽيڻ ڪري مختلف رڇرندڙ بيماريون ڦهلجڻ جو انديشو وڌي ويو آهي، جنهن ڪري شهري سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. ان سلسلي ۾ نٽي شهر جي مخدوم محلي واريا محلي، ڪڏائي محلي، آگر محلي، هريچند ڪالوني، قاضي محلي سميت نٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نٽو: انتظاميا جي بي ڌياني سبب مختلف محلن ۾ گٽرن جو پاڻي ٻيڻ آهي

ناروشاهه ۾ سي آءِ پوليس جي ڪارروائي، منشيات ڪٽي ويندڙ جوابدار گرفتار

هڪ جوابدار پشاور واسي عارف ڪچي خيل کي ست مڻ 26 ڪلو چرس ۽ هڪ پراڊو سميت گرفتار ڪيو ويو

ڪيس داخل ڪيو آهي، ٻئي جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڪارواين جاري آهن: پوليس

جوابدارن احسان متان فائرنگ ڪرڻ شروع ڪئي جوابي فائرنگ ۾ هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

ناروشاه (رپورٽر) سي آءِ پوليس جي قومي شاهراه تي ڪاروائي پشاور کان ڪراچي چرس کني ويندڙ جوابدار کي مقابلي بعد گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ سندس وڏن ست مڻ 26 ڪلو چرس هڪ ڪيس داخل. سي آءِ پوليس نوشهروفيروز جي انچارج يار محمد رند ميڊيا سان ڳالهائيندي دعوا ڪئي آهي ته هڪ ڳجهي اطلاع تي ڪاروائي ڪري هڪ جوابدار پشاور واسي عارف ڪچي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

انصاف ۾ دير تي تم مون کي به ڊاڪٽر اجمل ساوند وانگر قتل ڪيو ويندو: ام رباب چانڊيو

ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي جج حافظ عطا الله شيخ جي عدالت ۾ ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرپاتين جي قتل جي پڌڻي ٿي

حيرت جي ڳالهه آهي ته گذريل تاريخ تي جوابدارن ڪيس هلائڻ لاءِ اڄ جي تاريخ ورتي هئي پر اڄ هڪ پيرو ٻيهر تاريخ ورتي آهي

ڪيس اهڙي طرح دير ڪرڻ جو مقصد مون کي ۽ منهنجي خاندان کي سرداري نظام جو شڪار بڻائڻ آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

دادو(رپورٽ خاصخيلي) ميهڙ واقع ۾ قتل ٿيل ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرپاتين جي قتل جي پڌڻي ڏاڏي، چاچي ۽ والد جي قتل ڪيس جي پڌڻي، هڪ پيرو ٻيهر 15 اپريل تائين ملتوي جوابدار ڏر جو وڪيل ناڄڻ ڪري ماڊل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دادو: ام رباب چانڊيو عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

ڪمبٽ جي ڳوٺ ڪريم بخش جوٽيجو واسي پڌڙي واسين پاران احتجاجي مظاهرو

ٻاڻ اڳوٽي ڊي ايس پي پوليس پاران زمين تي قبضو ۽ تشدد ڪرڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو

زمين ابن ڏاڏن کان اسان جي آهي. زمين جا اصل ڪاغذ به اسان وٽ موجود آهن : ڳوٺائٽن جون دانهون

ڪمبٽ(رپورٽر) ڪمبٽ جي ڳوٺ ڪريم بخش جوڙيجو واسي پڌڙي عورت جو پائرن سميت ٻاڻ اڳوٽي ڊي ايس پي پوليس پاران زمين تي قبضو ۽ تشدد ڪرڻ خلاف پريس ڪلب ڪمبٽ پهچي احتجاجي مظاهرو انصاف جو مطالبو ان سلسلي ۾ احتجاج ڪندي پڌڙي عورت جنت خاتون جوڙيجو، حاجي اشرف جوڙيجو، غلام رسول جوڙيجو ۽ پين جوڇوڻ آهي ته زمين ابن ڏاڏن کان اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز: سول اسپتال اندر قائم اسٽور جو قبضو ختم ڪرايو ويو

نوشهروفيروز سول اسپتال ۾ فارميسي اسٽور عدالتي حڪم تي خالي، انتظاميه حوالي

ڪجهه سال اڳ ڪورٽ سڳوريءَ جي حڪم تي انهيءَ اسٽور کي غيرقانوني قرار ڏئي سيل ڪيو ويو هو: اڳواڻ

ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي قبضو ختم ڪرائي بلڊنگ اسپتال انتظاميه جي حوالي ڪرائڻ جو حڪم صادر ڪيو آهي

سول سوسائٽيءَ سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو کي مبارڪباد ڏيندي سندس محنتن تي خراج تحسين ڪيو

نوشهروفيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) سول اسپتال نوشهرو فيروز جي حد ۾ ڦهرايل فارميسي فارميسي ڊيپارٽمينٽ جي حوالي ڪيو ويو ان مرڪوز سڳوريءَ جي حڪم تي خالي ڪرائي اسپتال جي انتظاميه جي حوالي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز: سول اسپتال اندر قائم اسٽور جو قبضو ختم ڪرايو ويو

آءِ جي سنڌ ايس ايس پي
شڪارپور کي شوڪاز
نوٽيس جاري ڪري چڙيو

شڪارپور (رپورٽر) آءِ جي سنڌ ايس ايس پي شڪارپور ڪيپٽن (ر) فيضان علي ڪي شوڪاز نوٽيس جاري ڪري چڙيو. ٿوهان اڪتوبر 2022 ڪان ايس ايس پي ضلعي شڪارپور آهين اوهان جي ڪارڪردگي تي ڪيترائي سوال اٿاريا پيا وڃن. جنهن ۾ قاعدن ۽ ضابطن جي پڇڙوٽي بغير ڪنهن رعايت آهي. قاعدن ۽ ضابطن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺٺهو باگورود تي ڪار ۽ موٽر سائيڪل سوارن متان چڙهي وئي، مرٽينگ

مقامي انٽرنيٽ ڪيبل سسٽم جي ٺيڪنيشن علي رضا جي ٺنگ ٺڪڻ سبب ٻيهوش

پوليس واقعي جي رپورٽ داخل ڪري سي سي فوٽيج جي مدد سان ڪار سوارن جي ڳولا جاري

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين شهر جي هاءِ وي آفيس جي سامهون ٺنڈو باگورود تي بي قابو ڪار ۽ موٽر سائيڪل سوارن متان چڙهي ويئي جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار علي رضا چانڊيو ۽ ابوچانڊيو سخت زخمي ٿي پيا جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار علي رضا چانڊيو ۽ ابوچانڊيو سخت زخمي ٿي پيا ڪار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪهوڙڪي جي عدالت ۾ پيار جو پرٽو ڪنڊڙ جوڙي پاران احتجاج

ٻاڻ ماٺهن جرڳو ڪري ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪرڻ چاهين ٿا : پريمي جوڙو

معاملي جو نوٽيس ويٽي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

خانپورمهر (رپورٽر:آفتاب سيال) گهوٽڪي جي عدالت ۾ پيار جو پرٽو ڪنڊڙ جوڙي الزام هنيو آهي ته ٻاڻ ماٺهن جرڳو ڪري ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪرڻ چاهين ٿا ، جوڙي پاران تحفظ جي اپيل.خبرموجب صادق آباد واسڻ ناري ثمرين لنجواڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

خانپورمهر: بسند جو پرٽو ڪنڊڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

ڪڙ ۾ جوهي ٻڙاج متان اڏيل ڪاري موري پل جو ڪم شروع

ڪم شروع ٿيڻ بعد پروجيڪٽ ڊائريڪٽر عملدار پهچي ويا جائزو وٺي معائنو ڪيو

پل جي ڊارننگ ۽ ڊزائن مڪمل ٿي چڪي آهي: پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جاويد ميمڻ

ڪڙ (رپورٽر) ڪڙ ۾ هڙ دوران تباهه ٿيل جوهي ٻڙاج متان اڏيل ڪاري موري پل جو ڪم شروع ٿيڻ بعد پروجيڪٽ ڊائريڪٽر عملدار پهچي ويا جائزو وٺي معائنو ڪيو شروع پروجيڪٽ ڊائريڪٽر عملدار پهچي ويا جائزو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ميرپور خاص روڊ تي ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، شاگرد زخمي

گهر ويندڙ ٽ سالن جو شاگرد معشوق پٽ محمد اسلم مري زخمي ٿي پيو

زخمي شاگرد کي ڳٺي جوڳي حالت ۾ پٽورو اسپتال منتقل ڪيو ويو

صوفي فقير(رپورٽر) ميرپورخاص عمرڪوٽ روڊ تي لاهوري اسٽاپ وٽ ڪار ۽ موٽرسائيڪل جي ڇڪ ۾ ٽڪراسڪول کان پيادل گهر ويندڙ ٽ سالن جو شاگرد معشوق پٽ محمد اسلم مري زخمي ٿي پيو زخمي شاگرد کي ڳٺي جوڳي حالت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

خانپورمهر ۾ هتياربند ٻن هندو واپارين کان لکين رپيا ڦر ڪري ويا

2 موبائيل فونن ۽ هڪ ٻن تولن جو سونو لاڪيٽ ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا. ڪيس داخل

رپورٽ داخل ڪئي ويئي آهي ڦورن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن : پوليس ترجمان

خانپورمهر (رپورٽر) خانپورمهر ۾ هٿياربند ٻن هندو واپارين کان لکين رپيا ڦر ڪري ويا. اين سي رپورٽ داخل. خبرموجب خانپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

خانپورمهر: نوجوان واپاري قرراقعي جا تفصيل ٻڌائي رهيو آهي

شڪارپور جي سول ڪورٽ ۾ ايس ايڇ او بشير گوپانگ کي 3 سال سزا

ايس ايڇ او بشير گوپانگ پاران هڪ شهري کي 10 لک روپين جو جعلي چيڪ ڏنو ويو هو

چيڪ مدو پورو ٽيڻ کان پوءِ شهري ڪيس ڪرائڻ ويو ته چيڪ جعلي نڪتو هو

شڪارپور (رپورٽر): شڪارپور جي جهير شيخ ٽائي جي ايس ايڇ او بشير گوپانگ پاران هڪ شهري کي 10 لک روپين جو جعلي چيڪ ڏنو ويو هو ڪيس ڪرائڻ ويو ته چيڪ جعلي نڪتو جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر جي ٽنهي ٽائرن جي چيئرمين وائيس چيئرمين پاران افطار ڊنر پارٽي

طارق چوهاڻ اڳوٽو ڊپٽي ميئر سکر، عارف نور، شبير ڪمبوهه، سجاد لاکو ۽ پين جي شرڪت

تقريب جي آخر ۾ ملڪ پاڪستان جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ خصوصي دعا ڪئي وئي

سکر (رپورٽر) ميونسپل ڪارپوريشن سکر جي ٽنهي ٽائرن جي چيئرمين وائيس چيئرمين پاران سينيئر چيئرمين عابد گل مهر جي اعزاز ۾ سجاد ريسٽورنٽ تي افطار ڊنر ڏني وئي. جنهن تقريب ۾ طارق چوهاڻ اڳوٽو ڊپٽي ميئر سکر، عارف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

سکر: اڳوٽو ڊپٽي ميئر ۽ پيا افطار پارٽي ۾ شريڪ آهن

ڪڙ ۾ چوڙ ڪنڊڙ پمپنگ اسٽيشن جا بجلي جا 8 موٽر چوري

لکين روپين جو قيمتي مالڪيت جو سامان چوري ٿيڻ باوجود آپاشي عملي اڪ نه پٽي

پمپنگ مڪمل طور بند ٿيڻ بعد جوهي ٻڙاج پاڻي جي فراهمي معطل ٿي وئي هئي

ڪڙ (رپورٽر) ڪڙ ۾ جوهي ٻڙاج ۾ چوڙ ڪنڊڙ پمپنگ اسٽيشن جا بجلي جا 8 موٽر سميت پيو لکين روپين جو قيمتي مالڪيت جو سامان چوري آبپاشي عملي اڪ ن پٽي خبر موجب ڪڙ ڪڙ ٻڌ تاريخي ڪاري موري وٽ پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سڪرنڊ ۾ سان پراڻي مندر ديوي ماتا ۾ اوچتو شارٽ سرڪٽ سبب باهه

پردا ، ڪالين ، ڪپڙو ، لائوڊ اسپيڪر سميت پلاسٽڪ جون ڪيترين قيمتي شيون سڙي زبون

ديوي ماتا مندر جي نقصان جو ازالو ڪري نئين سر مرمت ڪرائي ڏني وڃي: متاثر

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ جي ڀڳ پڳ چار صديون پراڻي مندر ديوي ماتا ۾ اوچتو شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي ويئي جنهن سبب مندر مڪمل طور ساڙجي ويو. مندر جي پجاري ڪرشن ڪمار ۽ ٻين هندو ڀاتين جي مدد سان باهه تي قابو پاتو ويو. مندر ۾ موجود ڪپڙا، ڪالين، لائوڊ اسپيڪر سميت پلاسٽڪ جون شيون ساڙجي ويون. مندر جي پجاري ڪرشن ڪمار جي مطابق مندر ۾ موجود ڪپڙا، ڪالين، لائوڊ اسپيڪر سميت پلاسٽڪ جون شيون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر ۾ اسٽيپ فائونڊيشن پاران مستحقن ۾ عيد جا ڪپڙا تقسيم

گڏجاڻي دوران تمام ڏس ايبل پرسنس شائسته بلوچ جن کي دعائون ڏنيون

عيد تي اسپيشل پرسن کي ڪپڙا تورڻي بيا گفٽ ضرور ڏيندا آهيون: شائسته بلوچ

سکر(رپورٽر)اسٽيپ فائونڊيشن جي هيد آفيس سکر ۾ وفاقي محتسب اعلٰي سيد محمود شاهه ۽ ميڊم شائسته بلوچ جن به سو معذور عورتن ، مردن ۽ بارڻن ۾ عيد جا ڪپڙا تقسيم ڪيا ، بارڻن ۾ گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن سينٽر فار وي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر: سماجي تنظيم پاران معزور پارن کي عيد جا ڪپڑا ڏيڻ واري تقريب جو ڏيک

ڪمبٽ ۾ گهٽڪي جو سرعام وڪرو بند نه ٿيو سوين ماٺهو ڪينسر ۾ مبتلا

شهرين عبدالحليم ايڊوڪيٽ جميل راهمون عبدالوهاب ميمڻ ۽ ٽي ايل پي جي ضلعي اميرنادر علي ميمڻ ۽ ٻين پاران احتجاج

منشيات ۽ منشيات فروشن جي خلاف آئي جي سنڌ هڪ ٽاسڪ فورس جوڙيو هو پر اهو رڳو ڪاغذي ۽ اعلان ئي رهجي ويو آهي : متاثر

پوليس اهلڪارن جي خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي جيڪي منشيات جي ڪاروبا مان ڪروڙ پتي ٿي ويا آهن

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ۾ گهٽڪي جو سرعام وڪرو بند نه ٿيو سوين ماٺهو ڪينسر ۾ مبتلا گهٽڪي ۽ منشيات جي وڪري خلاف آپريشن جو مطالبو تفصيل موجب بدين شهر سميت ڪيڏ سيرائي نندو ڪوڪي شادي لارج سميت تعلقي جي سوين ڳوٺن ۾ ڪچي شراب جو وڪرو ۽ پيداوار عروج تي آهي. ڪيترن ئي هنڌن تي پوليس جي سرپرستي ۾ شراب جي وڪري جا اڏا قائم آهن. جتي ڪلاڪ ۾ سوين بوتلون وڪجي رهيون آهن. شراب جي وڪري ۽ پيداوار ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ سبب شراب جي وڪري ۽ پيداوار ۾ اضافو ٿي رهيو آهي

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر

آچر 9 اپريل 2023ع

ڊاڪٽر اجمل ساوند کي مرٽو ئي هو!

ليکڪ وسعت الله خان ۽ سنڌيڪار زاهده ابڙو

نيٽ فليڪس جي ڊاڪيومينٽري "اسانجي ڪائنات" ڏسڻ سان خبر پئي ته آسٽريليا جي "گريٽ بيريئر ريف" جي ڏگهي ۽ اڇي واري ۽ واري ساموندي پٽي تي سائين پٽين واربون ڪميون هزارن جي تعداد ۾ هڪ مخصوص موسم ۾ خوني مڇين ۽ شڪاري پکين کان بچندي بچائندي هزارين بيدا ريتيءَ اندر دهائي ڇڏيندیون آهن ۽ پوءِ نيري سمند جي گهرائين ۾ لهي ويندیون آهن.

سج جي گرميءَ سان ريتيءَ اندر دهيل بيدن مان نوان جاول ٻچا نڪري ايندا آهن جيئن ئي اهي سمند ڏانهن ڊوڙ پائيندا آهن ته فضا ۾ لامارا هٿندڙ بکايل پکي ۽ سمند جي ڪناري کان ٽورو پري منتظر وڏيون مڇيون انهن مٿان يلغار ڪنديون آهن.

هزارن نون جاول ڪمين جي ٻچن مان مشڪل سان چار پنج ئي سمند ۾ لهڻ ۾ ڪامياب ٿيندا آهن ۽ زنده رهندا آهن ۽ انهن مان به تمام گهٽ ڪميون پنهنجي طبعي عمر تائين پهچنديون آهن.

هزارن ٻچن مان صرف چار پنج ٻچي وڃڻ وارا ٻچا ڪيئي ڪيئي هزار ڪلوميٽر تائين سمند اندر لهڻ ۽ خطرن سان ڪيڏ ڪانپوءِ پيهر ٻچا ڏيڻ لاءِ بيدن جو ڏهيرو پنهنجي پيٽ ۾ سانڍي پنهنجي جنم پرميءَ ڏانهن واپسيءَ جو سفر ڪندا آهن ته جيئن اهي بيدا انهيءَ واريءَ ۾ ڏهائي اچن جنهن جي گرميءَ مان ڪيترائي سال پهرين سندن جنم ٿيو هو. اهو سلسلو لکين ورهين کان هلندو اچي ۽ هلندو رهندو.

جڏهن مون کي ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل جي خبر پئي ته اها ئي ڪهاڻي ياد اچي وئي. ڪيترين مشڪلاتن سان قبائلي واريءَ ۾ ڏهيل هزارين بيدن مان اجمل ساوند جهڙا ٻچا نڪرن ٿا ۽ ڪين انتقام ۽ جهالت ۽ ڏهني پسماندگيءَ ۽ محروميءَ جي خميرِ ۾ پيدا ٿيڻ وارا پڪي. شارڪن ۽ وهيل مڇيون چٽ ڪريو چڏيون. هزارن مان مشڪل سان پنج يا ڏهه چوڪرا يا چوڪريون اڃان وڏي سگهن ٿا ۽ انهن مان به اڌ ڪنهن حادثي يا غير طبعي موت يا انتقام جي ور چڙهيو وڃن. پر جيڪي بچي وڃن ٿا اهي جبلت جي هٿان مجبور ٿي ٻيهر پنهنجي خواهشن جا بيدا ڪثي انهيءَ واريءَ ڏانهن ڏوڙن ٿا جنهن واريءَ مان پاڻ ڦٽا هئا.

ڪشمور، جيڪب آباد، شڪارپور، گهوٽڪي، سکر، لاڙڪاڻي اتر سنڌ جي ٻين ضلعن يا آس پاس جا ضلعا. شايد ئي ڪو قبيلو اها دعويٰ ڪري سگهي ته سندس قبيلي جي آس پاس جي ڪنهن قبيلي سان دشمني ناهي رهي ۽ زن، زر، زمين ۽ انا جي منحوس ڦيري سندس ٻچا نه ڪاڏا هجن.

ميزبانن هڪ وچولي درجي جي قبائلي سردار کي به ان سيمينار ۾ بطور خاص مهمان دعوت ڏئي گهرايو هو ته جيئن ڪارو ڪاري، سگ چٽي، قبيلائي جرڳي، فيصلي ۽ بدلي جي فارسي ڪانئس سمجهي سگهن. سردار صاحب کي چوڪرن ۽ چوڪرين گهيري ورتو ۽ اهڙا اهڙا سوال پڇيا جن کي پڇڻ جي جرئت صرف نوجوان خون ئي ڪري سگهي ٿو. سردار صاحب تسليم ڪيو ته اها سڃي جهالت آهي جنهن جي اڄ جي زماني ۾ ڪابه جاءِ ناهي ۽ اهو خوني ڪُن سڃا سڃا نسل ڀُڳي رهيو آهي، پر سردار جي چوڻ مطابق اهو رواج، دشمنيون، غيرت جو هڪ نسل ڪان ٻئي نسل تائين پهچڻ جو تصور اڃين نسلن تائين هلندو. پلي هڪ عام قبائلي چوڪرو يا چوڪري ڪيترو به پڙهي لکي پر اهو رهندو سردار ئي.

لڳ ڀڳ پندرنهن سال پهرين مون کي شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ ۾ "غيرت جو ڪاروبار" تي بي بي سي ۽ يونيورسٽيءَ جي مشترڪ سيمينار ۾ شرڪت جو موقعو مليو. گهٽو ڪري شاگرد ۽ شاگردياڻيون اتان جي مقامي پرياسي جي ضلعن مان هئا. اهي سڀ هار مون کي انهن نون جاول ڪَميڻ جي ٻچن وانگر لڳي رهيا آهن. جيڪي آدم خور پکين يا جانورن کان بچي علم جي سمند ۾ لهي پنهنجي سجاڻپ گولهڻ جي لالچ ۾ ٽهي هٽڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا.

ميزبانن هڪ وچولي درجي جي قبائلي سردار کي به ان سيمينار ۾ بطور خاص مهمان دعوت ڏئي گهرايو هو ته جيئن ڪارو ڪاري، سگ چٽي، قبيلائي جرڳي، فيصلي ۽ بدلي جي فارسي ڪانئس سمجهي سگهن. سردار صاحب تسليم ڪيو ته اها سڃي جهالت آهي جنهن جي اڄ جي زماني ۾ ڪابه جاءِ ناهي ۽ اهو خوني ڪُن سڃا سڃا نسل ڀُڳي رهيو آهي، پر سردار جي چوڻ مطابق اهو رواج، دشمنيون، غيرت جو هڪ نسل ڪان ٻئي نسل تائين پهچڻ جو تصور اڃين نسلن تائين هلندو. پلي هڪ عام قبائلي چوڪرو يا چوڪري ڪيترو به پڙهي لکي وڃي. پلي سردار آگوئي چاپ هجي. پراهو رهندو سردار ئي. پلي سندس پٽ يا پوٽو آڪسفورڊ مان پڙهي اچي. پر جڏهن هو پنهنجي ڳوٺ ايندو ۽ گديءَ تي ويهندو ته ان کي پنهنجي روشن خيالي شهر ۾ چڏي اڇٽي پوندي. نه ته ماحول ڪيس ۽ سندس سرداري کي ڪائي ويندو. جيڪڏهن سب ڪجهه ٺيڪ ٿي وڃي ۽ ائين ٺيڪ ٿي وڃي جيئن توهان چاهيو ٿا ته پوءِ سردار کي ڪير پڇندو.

ڊاڪٽر اجمل ساوند يا سندس جهڙن کي هوش سنڀاليندي ئي اندازو ٿي ويندو آهي ته ڪين 19هين صدي پار ڪري 20هين صدي ۽ پوءِ 21هين صدي ۾ صرف پنهنجي پيرن تي ڳهه انڌيري کي چيريندي اڳيان وڌڻو آهي.

ڊاڪٽر اجمل جڏهن ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاني ۾ داخل ٿيو هو، جڏهن مهران انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ پنهنجو مستقبل ڪتي رهيو هو، جڏهن شاهه عنايت جهوڪ واري ۽ لطيف، چومسڪي ۽ ايڊورڊ گبن کي پڙهي رهيو هو، جڏهن پيرس جي ڊيڪارت يونيورسٽيءَ ۾ مصنوعي ذهانت جي جن کي قابوءَ ۾ آڻيندي ان کي ڊاڪٽريٽ جو لباس پارائي رهيو هو، اجمل جڏهن مغرب کان حاصل ڪيل سائنسي نظر جو زاويو پنهنجي اندر لاهي 21هين صدي مان واپس 19هين صدي ۾ ٽپو ڏيڻ لاءِ ذهني طور تي تيار ٿي رهيو هو، جڏهن پنهنجي چوڌاري ننڊيڙن ننڊيڙن ذهنن کي ڪڙڪيٽن ۾ تبديل ڪرڻ جي جرياڪ ۽ مبتلا ٿي وطن واپس موٽي پنهنجي ڌرتيءَ ڏانهن آيو هو ۽ آءِ بي اي سکر ۾ ويهي ان دوکي جو شڪار ٿيو هو ته ڪيس ڪير ماريندو؟ ڪيس ڪير ڪنهن ٻئي جي دشمني جي مشين ۾ ڪمند سمجهي ڇو وجهندو. تڏهن ڪيس اها خبر نه هئي ته جهالت جي هٽ ۾ ڪنيل بندوق جي هڪ گولي ان جي سڃي علم ۽ خوابن مٿان ڳري ثابت ٿيندي.

هڪ سندراڻي هڪ ساوند کي ماري چڏيو. ڪو ساوند وري ڪنهن سندراڻي کي ماري چڏيندو. ڊاڪٽر اجمل جي خوش نيتي، محنت، درويشي، وطن پرستيءَ ۽ علم شناسي وئي اوڙاهه ۾. هو علام اقبال يا فراز فينن ئي ڇو نه هجي، پر هو نه ساوند ۽ ساوند ڪوبه هجي دشمن آهي. جيئن سندراڻي ڪوبه هجي. آهي ته تارگيٽ وغيره وغيره....

آسمان تي قيريون پائيندڙ خوني پکي سامونديءَ پٽيءَ جي آس پاس گشت ڪندڙ شارڪ مڇيون ۽ تاڪ ۾ ويٺل مردار ڪائيندڙ ڳڇهن جي جهنڊ لاءِ ڊاڪٽر اجمل صرف هڪ وقت جو رزق هو ۽ بس.

پر سڀ خبر اها آهي ته ڪمين جا ٻچا پيدا ٿيندي ئي سمند طرف پڇڻ بند ڏيڻ ڪري سگهن. پلي انهن مان به جارئي تهي لڳائڻ ۾ ڪامياب ٿين. خير ۽ شر جو ڊرامو ائين ئي هلندو رهندو. بس ڪردار بدلجندا رهندا.

(هي ڪالم ايڪسريس نيوز جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿو جتي اردو ۾ شايع ٿيو)

ڇا داسو ڊيم سنڌ جي مفاد ۾ آهي

اياز علي جوڪيو

سنڌ جي پاڻي تي ڏاڙي جي تاريخ ڪا نيون ڳالهه ناهي بلڪ هي سلسلو انگريز دور کان وٺي هلندو اچي آيو ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن نيون تجربي تحت سنڌ جي پاڻي سان هٿ چراند جو سلسلو جاري آهي تازوبي ڪي پي ڪي جي ضلعي ڪوهستان وٽ سنڌو درياهه جي پاڻي کي روڪي داسو ڊيم منصوبو ٺاهيو پيو وڃي جيڪو هڪ هائڊرو اليڪٽرڪ ڪشش ثقل وارو ڊيم آهي. داسو ڊيم کي بجلي ٺاهڻ جي مقصد لاءِ تيار ڪيو پيو وڃي جنهن ما تقريبن پنج هزار ميگاواٽ بجلي تيار ڪئي ويندي هن بجلي ٺاهڻ واري منصوبي کي داسو هائيڊرو اليڪٽرڪ پاور پراجيڪٽ جو نالو ڏنو ويو آهي جنهن پروجيڪٽ لاءِ پاڻي جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ سنڌو درياهه جي پاڻي جو رخ موڙي ڊيم ۾ ذخيرو ڪيو ويندو. پروجيڪٽ ٽيم سنڌو درياهه جو رخ موڙڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪي آهي سنڌو درياهه جو رخ موڙي پاڻي داسو ڊيم ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. دراهه جو رخ موڙڻ لاءِ به ٽيونلس لڳايا ويا آهن جنهن مان هڪ تيار ٿي چڪو آهي جنهن جي ڊيگ 1.33 ڪلو ميٽر چورس 20 ميٽر ۽ 23 ميٽر اوچائي آهي ۽ ٻيو ٽيونل به ڪجه ٽائيم ۾ تيار ٿي ويندو. هاڻي اچو ته ڏهن نيون ٺهندڙ داسو ڊيم جو جاييزو وٺون ته ڏهن سان سنڌ کي ڪهڙا ممڪن فايدا يا نقصان پهچي سگهن ٿا

جيئن ته هن پروجيڪٽ جو مقصد بجلي ٺاهڻ آهي جيڪا سنڌ لاءِ لاڀايتي ٿيندي نظر نڪي اچي ڇوجو ملڪ ۾ هلندڙ ٽرڪول يا پين منصوبن جي بجلي به سنڌ لاءِ قطب نٿي اچي. جيتوڻيڪ پاڻي ماهرن موجب سنڌ اندر ڊيم سان پاڻي جي ڪوٽ ته پيدا نه ٿيندي پر جيڪڏهن ڏٺو وجي ته سنڌو درياهه جي پاڻي مٿانهن پهرائي ڪافي ڊيم ۾ ڪٽنال ٺهيل آهن جيڪي سنڌ جي حصي جي پاڻي سان هٿ چراند ڪن ٿا جهن سان سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نٿو مهيا ٿي ۽ پوکي ويل سنڌ پاڻي لاءِ سدائين پريشان هوندي آهي سنڌ جون زمينون بنجر ٿڪجندیون پيو وجن ۽ زراعت تباه ٿيندي پئي وجي سنڌ جي ڏهکٽي حصي نٿو بدين جا ڪافي علاقيڪا سنڌو درياهه جي پاڻي تي آباد ٿيندا آهن جنهن ڪوٽ سبب اهي هن وقت غيرآباف لڳا پيا آهن ۽ پيئڻ جو پاڻي جيڪو سنڌو درياهه مان ڪتب آندو ويندو آهي جيڪو پڻ ڪين ميسر ناهي. هرروز ٽهندڙ هنن نون ڊيمن سبب سنڌ جو زمينون غيرآباد ٿي ويندیو سنڌ ۾ بلوچستان وانگر آبادي ختم ٿي ويندي ۽ سنڌ پوئتي ٿيندي ويندي. داسو ڊيم جي ڪري سنڌ جي زراعت ۽ ماحوليات کي تمام گهٽو نقصان پهچندو سنڌ سڪڙجڻ جا ڪيترائي خدشا آهن

سنڌي سول سوسائيٽي توڙي هر باشعور فرد کي گهرجي ته پنهنجن ننڍڙن ننڍڙن معاملن تي ڪهاڙيون ايئون ڪرڻ بدران مجموعي طور سنڌ جي ٽيندڙ قومي نقصان تي اڄي ڳڻ ٽيو ۽ آس پاس نظر فيرايو ته سنڌ کي ڪهڙا نقصان ۽ خدشا درپيش آهن جن مان داسو ڊيم واري پراجيڪٽ به هڪ آهي ان خلاف هڪڙي سگهاري تحريڪ ٻڌجي هنن منصوبن آڏو رڪاوٽ ٻڌجي پنهنجي زراعت ۽ معيشت جو تحفظ يقيني بڻاييجي

تهڙا چالِيها نه چالِيہَ. جهڙوپسڻ پرينءَ جو:
ڪهڙي ڪاتِبَ! ڪَرِئين، مٽي پنن پِيهہَ:
جي ورقَ وارِين وِيہَ، ته اَکر اُهوئِي هيکڙو.

اندرون سنڌ ۾ ٽيندڙ قتلام کي روڪڻ جي ضرورت

سنڌ ۾ هڪ ٻئي عالم جي بي رحمائي قتل سمورن ڏي شعور ماڻهن کي لوڏي چڏيو آهي. اجمل ساوند نالي هن نوجوان پروفيسر جو قتل سنڌ ۾ بدامني، جهالت، تنگ نظريءَ ۽ ورهين کان هلندڙ بحرانن کي وڌيڪ ڪري ٿي ڪجهه سال اڳ اهڙي ٿي ريت هڪ ٻئي اسڪالر جاويد پٽي جي آمريڪا ۾ ٽيل قتل به ان وقت سنڌ جي پڙهيل ڪيل ماڻهن کي ڏوڏي چڏيو هو. جاويد پٽي جي قتل ۾ آمريڪا جو هڪ اهڙو شهري ملوث هو، جنهن جي تاريخ ڏهن سال پريل ٻئي ۽ هو ڏهني طور رهيو هو. پر سنڌ ۾ هن قتل سان ان گالهه جي نشاندهي ٿي رهي آهي ته سنڌ ۾ به قبيلائي جهيڙن ۾ ملوث ماڻهو به اهڙي ٿي ڏهني ڪيفيت ۾ مبتلا آهن.

اجمل ساوند هڪ اهڙو نوجوان اسڪالر آهي، جيڪو پنهنجي علاقي ۾ ان سان جهيڙندڙ ذات وارن ۾ ڪجهه سالن کان جاري قبائلي جهڙي جو شڪار ٿيو. هڪ معصوم ۽ بي ضرر پروفيسر جوان ۾ ڏوهه صرف اهو ئي هو هن وقت سنڌ جي ناميارين تعليمي اداري آءِ بي اي سکر ۾ اسسٽنٽ پروفيسر هو، جيڪو پنهنجي علاقي شالو ڪنڊ ڪوٽ کان ڏيوٽي جي لاءِ پنهنجي ڪار ۾ سوار ٿي سکر اچي رهيو هو، جو گهات هٿي ويل هٿياربندن وحشياڻي فائرنگ ڪري ڪيس ابدي نند سمهاري چڏيو

سموري صوبي ۾ بدامني آهي، خاص ڪري اتر سنڌ جي ٻن ڊويزن سکر ۽ لاڙڪاڻي ڪچي وارن علاقن ۾ ڏاڙيلن ۽ هٿياربندن جو راج آهي. جيڪي هر وقت سرڪار جي رٽ کي چئليج ڪندا رهن ٿا. سرڪار ان لاءِ ڪڏهن ڪڏهن رسم پوري ڪرڻ جي لاءِ ڪارروائي به ڪري ٿي ۽ اڃا ٿورا ڏينهن اڳ ڏاڙيلن خلاف وڏي پئماني تي آپريشن جو فيصلو ٿيو هو جنهن جي لاءِ خاص طور تي بجيٽ جي منظوري پڻ ڏني وئي هئي. پر تاحال اهڙو ڪو عمل ڪنهن ڪنڌ پاسي ۾ نظر نٿو اچي.

سنڌ ۾ هڪ عرصي کان قبائلي جهيڙا به جاري آهن، مختلف وقتن تي انهن علاقن جا سردار ۽ قبيلائي ٻاڻ ڊريون راڄوٽي ڪنديون رهن ٿيون. جڏهن ته اهو سلسلو اڳي کان اڳرو آهي ۽ سرڪار جي انتظام ۾ به اڪثر اهڙن تڪرارن جي لاءِ قانون جي رٽ قائم ڪرڻ بجاءِ سرپنڊچي جو سهارو ورتو ويندو آهي.

سنڌ ۾ هڪ سرڪار موجود آهي ۽ ان جون قانون ۽ انتظام پڻ آهن. پراها به حقيقت آهي ته گهڻ ٿي سببن جي ڪري ڏوهه رڪجڻ بدران وڌي رهيا آهن. جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ لاقانونيت واري طاقت سگهاري آهي يا وري قانون ۾ ڪو جهول آهي جيڪو لاڳو ٿي نٿو سگهي.

هڪڙو عام خيال آهي ته سنڌ ۾ ڏهن جو جيڪي به نرسريون آهن، انهن ۾ حد جي پوليس، علاقتي جو وڏيرو ۽ جهالت تي فخر ڪندڙ آهي سردار شامل آهن، انهن نرسرين مان ڏوهارين جي فوج تيار ٿي نڪرندي رهي ٿي، جنهن سان سموري معاشري جو اسٽرڪچر ناس ٿي رهيو آهي پر قانون جي حڪمراني جي ڳالهه ڪندڙ ان پاسي ڏانهن ڪو به ڏيان ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن.

ڏوهن جي وڌڻ جي سبب ۾ عدليا جو نظام پڻ آهي، جتي ورهين تائين ڪيسن جو نبيرو ٿي نٿو سگهي، جنهن ڪري ماڻهن جو وڏو تعداد اهڙي جنجهٽ ۾ پوڻ کان نتائي ٿو ۽ نبيري جي لاءِ سردار ۽ وڏيري ڏانهن وڃي ٿو نه رڳو ايترو پر اثر سنڌ جا ڪي سردار اهڙي ساک ۽ ڏاڪ رکن ٿا جو انهن جي فيصلن جا مثال ميديا ۾ پڻ ڏنا وڃن ٿا.

ذڪر ڪيل سببن کانسواءِ هن وقت خود علاقتي جو ٻاڻ ماڻهو روايتي سياست سان سلهاڙجي ويو آهي، جيڪو هڪ ئي وقت سياسي اڳواڻ پڻ آهي، سياسي شعبي جو هڪ دلجسب پاسو هي آهي ته سمورين جماعتن ۾ سردارن، پيرن، ميرن ۽ ٻاڻين جي وڏو مان مرتبو ملي ٿو ان ڪري ڪهڙي به پوليس ۽ سياست ۾ داخل ٿي ويل حد جي ٻاڻ جي وڏيڪ هلندي پجندي رهي آهي.

اهڙن سمورن روين جي وڏڻ سان به هي ڏوهه ڪنهن کي به معيوب نٿا لڳن، جنهن معاشري جي مثبين حصي ۾ جيڪو ڪجهه وهي واپري ٿو ان جو سڌو اثر سنڌ جي نيم قبائلي ۽ نيم جاگيرداري واري ماحول تي پوي ٿو. سنڌ ۾ اوطاقن تي ڏاڙيل "هيرو" طور سمجهيا وڃن ٿا.

پروفيسر اجمل ساوند جي قتل بعد سنڌ جي پڙهيل ماڻهن ۽ سنڌ دوست ڏرين کي اهو تسليم ڪرڻ گهرجي ته هن وقت سنڌ ۾ مدي جارج سياست سموري معاشري کي قابو ڪري رکيو آهي. جنهن مان جند آجي ڪرائڻ جي لاءِ واحد حل سائنٽيفڪ تعليم ۽ مثبت تربيت ٿي آهي. تعليم ڏانهن سرڪار جي رويي مان اهوئنداز و ڪري سگهجي ٿو ته ان شعبي کي ڪيتري اوليت ڏني وئي آهي.

پروفيسر اجمل هڪ وڏو عالم هو ۽ هن وقت جي برق رفتار دنيا کان مڪمل طور واقف هو. هن فرانس مان پي ايڇ ڊي ڪئي هئي ۽ ڪيترائي ريسرچ پيپر لکيا هئا. ان شعبي ۾ بعد ۾ داخل ٽيندڙ اسڪالرز سندس مضمونن کي ريفرنس طور ڪٽيو ته رڳو ايترو پر هن ڪنهن نوجوان جي پاران اڪثر سوال "توهان فرانس مان هتي ڇو آيا" پروفيسر جو جواب هو "ان ڪري جٽين توهان جهڙن نوجوانن کي فرانس موڪلي سگهان"

سنڌ جي هن نوجوان عالم جي نالي تونٽي ڪر ڪان اڳ ۾ صرف تعليم يا سندس شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهون ئي واقف هئا پر سندس قتل واري واقعي بعد سموري سنڌ مان جيڪو ردعمل ظاهر ٿيو آهي، ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ جي تعليم يافته ماڻهو هڪڙي اسڪالر سان ڪيترو پيار ڪري ٿو.

نوجوان اسڪالر پنهنجي سياءِ ۾ انتهائي سلجهيو ۽ بنا ڪنجوسي جي علم ورهائڻ وارو استاد هو جو خواب هو ته سنڌ ۾ علم جي ڏياڻي روشن ڪري جهالت واري اونداهي کي ختم ڪجي جيڪو تعبير نه ٿيڻ ان کان اڳ جو وري ڪو روشن دماغ ڪنهن جهالت جي ور چڙهي وڃي سموري سنڌ جي عالمن، وطن دوستن ۽ گهڻ گهرن کي گهرجي ته ڪو اهڙي رٿا رٽين جنهن سان پورفيسر صاحب جو خواب پورو ٿي سگهي. اهو ئي واحد تبديلي جي واٽ آهي. هي صرف افسوس ڪرڻ جو نه پر ان جي لاءِ عملي طور تي ميدان ملهائڻ جي ضرورت آهي.

بقايا

01

۾ چٽيلنج ڪري سگهجي ٿو. سندس خيال ۾ بل درستگي جي باري ۾ چنڊچاڻ پوري ڪرڻ ۽ پيهر غور ڪرڻ لاءِ واپس ڪرڻ مناسب آهي. هن چيو ته آئين سپريم ڪورٽ کي اپيل، ايڊوائزري، ريويو ۽ شروعاتي اختيار ٻڌڻي سان نوازي ٿو جاٿاييل بل آرٽيڪل 3/184 عدالت جي شروعاتي ٻڌڻي جي اختيار بابت آهي، بل جو مقصد شروعاتي ٻڌڻي جو اختيار استعمال ڪرڻ ۽ اپيل ڪرڻ جو طريقو فراهم ڪرڻ آهي. صدر سوال اٿارينديز چيو ته اهو خيال سارهه جوگهو ٿي سگهي ٿو پر چا هن مقصد کي آئين جي قلمن ۾ ترميم ڪرڻ سواءِ حاصل ڪري سگهجي ٿو؟. سندس چوڻ هو ته تسليم ٿيل قانون ته اهو آهي ته آئيني قلمن ۾ عام قانون سازي ذريعي ترميم نٿي ڪري سگهجي، آئين هڪ اعليٰ قانون آهي ۽ قانون جو پڇ آهي، آئين اعليٰ قانون ۽ بين قانون سازي اصولن، اعليٰ قانون ۽ بين قانون ڪن مٿانهون قانون جو مجسمو آهي. صدر جو چوڻ هو ته آرٽيڪل 191 سپريم ڪورٽ کي عدالتي ڪارروائي ۽ طريقيڪار ريگوليٽ ڪرڻ لاءِ قانون ٺاهڻ جو اختيار ڏئي ٿو. آئين جي ان قلمن تحت سپريم ڪورٽ رولز 1980 ٺاهيا ويا جنهن جي منظوري پاڻ آئين ڪئي. هن چيو ته سپريم ڪورٽ رولز 1980 تي سال 1980 کان عملدرآمد ڪيو پيو وڃي، انڪري چنڊ چاڻ ٽيل قانون سان هٽ چراند عدالت جي اندروني ڪارروائي، خود مختياري ۽ آزادي ۾ مداخلت ڪرڻ برابر ٿي سگهي ٿي. صدر چيو ته رياست جي تن ٿنبن جي اختيارن، طاقت ۽ ڪردار جي وضاحت آئين ٿي ڪئي آهي، آرٽيڪل 67 تحت پارليمان کي آئين جو پابند رهندي پنهنجي طريقيڪار ۽ ڪاروبار کي منظر ڪرڻ لاءِ قانون ٺاهڻ جو اختيار حاصل آهي، آرٽيڪل 191 تحت آئين ۽ قانون جو پابند رهندي سپريم ڪورٽ پنهنجي ڪارروائي ۽ طريقيڪار کي ريگوليٽ ڪرڻ جا قاعدا ٺاهي سگهي ٿي، جڏهن ته آرٽيڪل 67 ۽ 191 ۽ هڪجهڙائي آهي. سندس چوڻ هو ته آرٽيڪل 67 ۽ 191 قانون ٺاهڻ ۾ پنهنجي خودمختياري کي تسليم ڪن ٿا. آرٽيڪل 67 ۽ 191 ٻئي اداري کي اختيار ۾ مداخلت کان روڪين ٿا. ڊاڪٽر عارف علوي موجب عدليا جي آزادي کي مڪمل تحفظ ڏيڻ لاءِ آرٽيڪل 191 کي دستور ۾ شامل ڪيو ويو، آرٽيڪل 191 تحت سپريم ڪورٽ کي پارليامنٽ جي قانون سازي جي اختيار کان باهر رکيو ويو، پارليامنٽ جو قانون سازي جو اختيار به آئين مان ئي نڪتل آهي. هن چيو ته آرٽيل 70 وفاقي قانون سازي جي فهرست ۾ شامل ڪنهن به معاملي تي بل پيش ڪرڻ جي منظوري بابت آهي. صدر چيو ته آرٽيڪل 142 اي تحت پارليامنٽ وفاقي قانون سازي جي فهرست ۾ ڪنهن به معاملي تي قانون جوڙي سگهي ٿي. فورٽ شيڊول تحت پارليامنٽ کي سپريم ڪورٽ ڪانسواءِ سمورين عدالتن جي اختيارن جي دائري ۽ اختيارن تي قانون سازي جو اختيار آهي هن وڌيڪ چيو ته فورٽ شيڊول تحت سپريم ڪورٽ کي خاص طور تي پارليامنٽ جي قانون سازي واري اختيار مان خارج ڪيو ويو آهي، بل بنيادي طور تي پارليامنٽ جي اختيار کان باهر آهي ۽ بل کي انهن رخن تي مناسب غور ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا

02

ڪي گرفتار ڪرڻ جي ڪامياب آپريشن تي مبارڪباد پيش ڪئي آهي. وزيراعظم چيو ته اهو آپريشن سڀ جي ادارن جي شاندار پيشوارانه مهارت جو ثبوت آهي. هن گرفتاري سان بلوچستان ۾ عسڪريت پسندي کي چيپاڻ ۽ امن جي هڪ نئين دور جي شروعات ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

بقايا

03

ڪورٽ وفاقي حڪومت کي 21 ارب روپيا ڏيڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن کي مهلت ڏني چڏي آهي. عدالت رقم فراهم ڪرڻ لاءِ 10 اپريل تائين اليڪشن ڪميشن کي 11 اپريل تائين پيش رفت ڪان آگاهه ڪرڻ جو به حڪر ڏنو. اسحاق ڊار چيو ته اڄ صبح ڪان اڳ روانو ٿيڻو هو ۽ سپاڻي آمريڪا پهچڻو هو، هن ڪالهه ڪان ورلڊ بينڪ جي اسپرنگ اجلاس ۾ شرڪت ڪرٽي هٽي پر آءِ ايم ايف اجلاس بابت ميڊيا ۾ افواهون آهن. IMF اپريل ۾ پنهنجي بهار ۽ سالياني گڏجاڻيون منعقد ڪندو آهي. هن چيو ته پاڪستان ۽ ائيني بحران آهي، بحيثيت قوم اسان هڪ پوڳ ۾ قاتل آهيون، وزيراعظم جي درخواست تي مون پنهنجو آمريڪا جو دورو ملتوي ڪيو آهي، ملڪي صورتحال کي نظر ۾ رکندي آڻون آمريڪا جو دورو ملتوي ڪريان ٿو. ناٿي وارو وزير چوڻ هو ته اهم قومي معاملن تي ٻلهي ليکي ۽ اڇائي تجزيا مناسب ناهي، ڪو چئي رهيو آهي ته مون تي آءِ ايم ايف پابندي لڳائي آهي، آءِ ايم ايف مان پابندي نٿو لڳائي سگهجي، پاڪستان آءِ ايم ايف جو ميمبر ناهي. هن چيو ته ڏکين معاشي حالتن باوجود هڪ منٽ جي به عالمي اداڻيگي ۾ دير نه ڪئي وئي، پاڪستان 11 ارب ڊالرن جي عالمي اداڻيگين ڪيون آهن، آءِ ايم ايف جي سمورن سوالن جا تسلي بخش جواب ڏنا آهن. پاڪستان سان اسٽاف سطح تي معاهدو التوا ۾ آهي ايف هڪ دوست ملڪ آءِ ايم ايف کي 2 بلين ڊالر جي اداڻيگي جي تصديق ڪئي آهي ۽ ٻئي دوست ملڪ هڪ ارب ڊالر جي تصديق جو انتظار ڪري رهيا آهن. اسحاق ڊار چيو ته 2017ع ۾ ن ليگ پاڪستان کي 24هين معيشت بڻايو، پر گذريل حڪومت پاڪستان کي 24هين معيشت مان 47هين معيشت بڻائي چڏيو، پاڪستان ان پوڳ مان نڪري ايندو پاڪستان کي پيهر 24هين معيشت بڻائڻ جو رخ تبديل ڪنداسين.

بقايا

04

جو اظهار هن چنڊ ڏينهن ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب وڌيڪ چيو ته جيڪي قومون غلطين مان سبق حاصل ڪن ٿيون اهي زنده قومون سڏجن ٿيون. آئين ۽ جمهوريت جو حسن اهو آهي ته غلطين جي نشاندهي مشاورت ذريعي ڪئي ويندي آهي جيڪڏهن ڪو شخص يا ادارو طئي ڪري ته هو غلطي تي ناهي. پاڪستان جو آئين وڏين قربانين کان پوءِ ملهيو آهي، جنهن آئين جو تحفو ڏنو ان کي متنازعه فيصلي تحت قاهي ڏني ويئي. آصف علي زرداري سمورن سياستدانن کي گڏ ڪيو ۽ 18هين آئيني ترميم ۾ عدالتي خودمختياري به ڏني وئي. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته 18هين ترميم تحت پارليامنٽ غلطين کي درست ڪيو 18هين ترميم آئين ۾ آرٽيڪل 10 اي داخل ڪيو. ڪنهن کي پڻ ڪانسواءِ ڪو به فيصلو نه ڪيو وڃي، جمهوريت جنهن ارتقائي عمل مان گذري رهي آهي هاڻي عدليه ان مان گذري پئي. چوڌري افتخار جيئن چيو ته ائين ئي ٽيو. افتخار چوڌري ريسرچ پيپر لکيا هئا، ان شعبي ۾ بعد ۾ داخل ٽيندڙ اسڪالرز سندس مضمونن کي ريفرنس طور ڪٽيو ته رڳو ايترو پر هن ڪنهن نوجوان جي پاران اڪثر سوال "توهان فرانس مان هتي ڇو آيا" پروفيسر جو جواب هو "ان ڪري جٽين توهان جهڙن نوجوانن کي فرانس موڪلي سگهان"

سنڌ جي هن نوجوان عالم جي نالي تونٽي ڪر ڪان اڳ ۾ صرف تعليم يا سندس شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهون ئي واقف هئا پر سندس قتل واري واقعي بعد سموري سنڌ مان جيڪو ردعمل ظاهر ٿيو آهي، ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ جي تعليم يافته ماڻهو هڪڙي اسڪالر سان ڪيترو پيار ڪري ٿو.

نوجوان اسڪالر پنهنجي سياءِ ۾ انتهائي سلجهيو ۽ بنا ڪنجوسي جي علم ورهائڻ وارو استاد هو جو خواب هو ته سنڌ ۾ علم جي ڏياڻي روشن ڪري جهالت واري اونداهي کي ختم ڪجي جيڪو تعبير نه ٿيڻ ان کان اڳ جو وري ڪو روشن دماغ ڪنهن جهالت جي ور چڙهي وڃي سموري سنڌ جي عالمن، وطن دوستن ۽ گهڻ گهرن کي گهرجي ته ڪو اهڙي رٿا رٽين جنهن سان پورفيسر صاحب جو خواب پورو ٿي سگهي. اهو ئي واحد تبديلي جي واٽ آهي. هي صرف افسوس ڪرڻ جو نه پر ان جي لاءِ عملي طور تي ميدان ملهائڻ جي ضرورت آهي.

بقايا

05

رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ حڪومتي اتحاد پي ڊي ايم جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته چيف جسٽس عمر عطا بندیال جهڙي طرح پنهنجي تڪراري فيصلن سان سپريم ڪورٽ جهڙي معزز اداري کي ورهايو ۽ ان کي ملڪ جي سپريم اداري پارليامينٽ سان جهيڙي جي پوزيشن تي آڻي هن ملڪ ۾ رياست کي جهڙي طرح جي بحران ۾ مبتلا ڪيو آهي ان جو هڪڙو ئي حل چيف جسٽس جي استعيفيٰ آهي. جي يو آءِ اڳواڻ پنهنجي ٽوئيٽر بيان ۾ وڌيڪ چيو ته چيف جسٽس عمر عطا بندیال کي بنا ڪنهن دير جي جلد کان جلد استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي.

بقايا

06

۾ موقف پيش ڪيو ويو آهي ته هڪ

بقايا سنڌيار 01

پنهنجي ماتحت ملازمن کان آدمشماري ڪرائي سميت ٽئي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن کي تنگ نٿو ڪري، رڳو ڪم ڪرڻ ڏيو، جتان نازڪ حالت هجي ڪري ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي اسپتال موڪليو ويو، جتي هو زخمن جا سور، سهڻ سبب فوت ٿي ويو، ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو الهيار ڊاڪٽر ڪرن ڪمار، ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ۽ ڊپٽي ڪمشنر ميرپورساڪرو ڊاڪٽر ڪاشف ڪمار ڪنڀر، ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت محمد رمضان چنڙ، اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهه علي شير جمالي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پيرو آف سيلاڻي مظهر شر، شهيب شاهه، اتفارميشن آفيسر اعجاز علي تيوڙو ۽ بيا عملدار سائس گڏ هٿا

سامٽيو، جيني سنڌ محاذ آڳواڻ عبدالخالق جوٽيجو، سماجي آڳواڻ خدا ڏنو شاهه، ساجد غلام جوڪيو، شاهين جوڪيو، بي بي آڻي آڳواڻ حاجي حفيظ جوڪيو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ملير ۽ گڏب جي زمينن تي سسٽر جي نالي تي ولاري ٿي رهيو آهي، آڻهن چيو ته اکرم جوڪيو جي ذاتي زمين تي زبردستي قبضو ڪري 120 ايڪڙن ڪان مٿي زمين تي قديمي گوٺن ۽ ڪي مسمار ڪري سنڌ ايڇوڪيشن سٽي جي نالي تي قبضو ڪيو پيو وڃي، آڻهن چيو ته هتي 9 هزار ايڪڙن ڪان مٿي زمينن تي سنڌ سرڪار جي سرپرستي ۽ قبضو ڪري مخالف پروجيڪٽن جي ڪري مقامي ماڻهن کي ڪو ٽڪي جو فائدو نه ڪونهي، هي رڳو قبضو ڪري ماڻهن کي بي گهر ڪرڻ چاهن ٿا، ان موقعي تي ڊاڪٽر علي نواز ڪنول، قاضي لطيف بلوچ، سليم سالار جوڪيو فيض حسين هيسباڻي، حمزو پنهور جانشير جوڪيو، محبوب ڪوسو ۽ ٻين مطالبو ڪندي چيو ته پي پي حڪومت کي هوش ڪان ڪر رڻ ڪوهي ٿئين ته ٽٽي جو ايندڙ اليڪشن ۾ ووٽ نه ڏينداسين، مرتضيٰ، علي گوهر ۽ ٻين کي جيل مان عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ۽ ان جو نشان نظر نه آيو آهن ڇهن ته حڪومت پنهنجو ئي فيصلو واپس ورتو پٽي صورت ۾ عيد ڪان پوءِ هڪ وڏي جدوجهد هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت محمد رمضان چنڙ، اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهه علي شير جمالي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پيرو آف سيلاڻي مظهر شر، شهيب شاهه، اتفارميشن آفيسر اعجاز علي تيوڙو ۽ بيا عملدار سائس گڏ هٿا

بقايا سنڌيار 02

محلي، آگر محلي، هريچند ڪالوني، قاضي محلي سميت ٽئي شهر جي مختلف واردن جي ڪيترن ئي رهواسين شاهد جوڪيو، منير شاهه بخاري، شڪيل جوڪيو، رجب واريو، الطاف واريو، مراد سائي، ٽانا ڳنڊرو، سليم ميمڻ، سليمان لنڊ، منير ميمڻ ۽ ٻين صحافين آڇيان ڏاهيندي چيو آهي ته سنڌ ڪابينا جي ڪيترن ئي وزيرن، مشيرن ۽ ٽرانسپورٽ جي تفصيل مطابق ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو الهيار ڊاڪٽر ڪرن ڪمار، ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ۽ ڊپٽي ڪمشنر ميرپورساڪرو ڊاڪٽر ڪاشف ڪمار ڪنڀر، ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت محمد رمضان چنڙ، اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهه علي شير جمالي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پيرو آف سيلاڻي مظهر شر، شهيب شاهه، اتفارميشن آفيسر اعجاز علي تيوڙو ۽ بيا عملدار سائس گڏ هٿا

نوابشاهه ۽ لڳيل رمضان بجٽ بازار جو دورو ڪري ريٽ لسٽون چيڪ ڪيون ان موقعي تي ڪمشنر محمد عباس بلوچ چيو ته رمضان المبارڪ جو پلارو مهينو نيڪيون وارو مهينو آهي انهي لاءِ سمورا تاجر هن پلاري مهينن ۾ عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ لاءِ منافعي خوري کان پاسو ڪن ۽ رعايتي آڇهن تي شين جي ورڪري کي يقيني بڻائين هن وڪيٽ چيو ته سنڊ ڪمشنر ضلع انتظاميه جي هدايت تي ڪاڌي پيتي جون شيون رعايتي آڇهن تي فراهم ڪرڻ لاءِ بجٽ بازارن لڳايو ويون آهن عوام هن بجٽ بازارن مان پريور فائدو حاصل ڪري ڪمشنر ضلع انتظاميه کي هدايت ڪئي ته بجٽ بازارن ۾ روز مره جون شيون رعايتي آڇهن تي واڌر مقدار ۾ رکيون وڃن جڏهن ته پراڻس لسٽن جا بينر لهرائي لڳايا وڃن ته جئين عوام کي حڪومت پاران مقرر ڪيل آڇهن بابت معلومات ملي سگهي هن کين اها هڪ هدايت ڪئي ته سنڊ حڪومت پاران آفيسرن کي مليل معيشريت جي اختيارن تحت منافعي خوري کي روڪڻ لاءِ سمورا لاڳاپيل آفيسر ڪاروائين ڪري وڌيڪ تيز ڪن ته جئين منافعي خوري کي روڪي عوام کي وڏي راحت ڏئي سگهجي ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو الهيار ڊاڪٽر ڪرن ڪمار، ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ۽ ڊپٽي ڪمشنر ميرپورساڪرو ڊاڪٽر ڪاشف ڪمار ڪنڀر، ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت محمد رمضان چنڙ، اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهه علي شير جمالي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پيرو آف سيلاڻي مظهر شر، شهيب شاهه، اتفارميشن آفيسر اعجاز علي تيوڙو ۽ بيا عملدار سائس گڏ هٿا

بقايا سنڌيار 03

ايڙو عبدالحفيظ ايڙو ۽ ٻين ڇهن جو چوڻ هو ته پروفيسر اجمل ساوند جو قتل سنڊ جي شعور جو قتل آهي، شهيد اجمل جي خون سان انصاف لاءِ سچي سنڊ ڪي انڪي ڪوڙ ٽيڪ ڪهڙي، سر ۽ سرداري ۽ پوليٽرڪي نظام منظور نه آهي، پوليٽرڪي نظام جي ڪري نوجوان اجمل ساوند شهيد ٿيو آهي، جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ۽ آءِ جي سنڊ ۽ سنڊ جي وڏي وزير کان مطالبو ڪريون ٿا ته جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏني سندس جي خاندان کي تحفظ ڏني انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 04

شهر جي مختلف واردن جي ڪيترن ئي رهواسين مراد ساڻي، ٽانا ڳنڊرو، سليم ميمڻ، سليمان لنڊ، منير ميمڻ ۽ ٻين صحافين آڇيان ڏاهيندي چيو آهي ته ننگر نٿو قديمي شهر هجڻ باوجود ميونسپل ڪميٽي نٿو ڪري عملي جي عدم دلچسپي سبب سنڊس محلن ۽ ڪافي وقت کان وني صفائي، سفرائي نه ڪري هڪ طرف گندگي جا ڍير لڳل آهن ٻئي طرف گٽر ڪٿرائلي (پلٽي) سنڊن ڳهرن آڇيان وهڻ ڪري روڊ رستا ڳٽن ۾ پڻ ڇپ ٿا، پر ميونسپل ڪميٽي نه انتظاميه هن طرف ڏيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، سنڊن معصور بارڻن جو ڳٽرن ڇي گندي پاڻي ۾ ڪرڻ ۽ روز جو معمول بڻجي ويو آهي، پر هن طرف ڪوڏيل نه ٿيڻ ڪري شهري مجبور ٿي پنهنجي مدد پاڻ تحت صفائي سفرائي ڪرڻ ۽ مصروف بڻيل آهن هنن گهر ڪٽي ڏ ڦورن ڏني شهر سميت سمورن محلن ۽ واردن جي گٽرنالين جي صفائي ڪرائي ڪين ڳٽرن جي گندي پاڻي جي ليپت ۽ آڇ ڪان بچائي، جمع ٽيل گند ڪچرو هٽائي صفائي سفرائي ڪرائي شهرين کي پريشاني کان بچايو وڃي، بڻي صورت ۽ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 05

ويندڙ ليند ڪروز پراڊو نمبر BG_9783 ڪي ناڪابندي ڪندي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته گاڏي ۽ سوار ٻن ڇڻن پوليس مٿان فائرنگ ڪئي پوليس جي گاڏي مٿان جوابي فائرنگ ڪئي ڪٿي ڪٿي پوليس جي ڪار ۾ گرفتار ڪيو ڇڪن ته سندس ساٿي جوابدار بشار واسي عارف ڪوڪي خليل کي ڇڪي حالت ۾ گرفتار ڪري گاڏي جي تلاشي دوران 07 منڻ 26 ڪلو چرس هڻ ڪيو ويو جنهن جي مالڪ چار ڪروڙ رپيا آهي پوليس دعوا ڪئي آهي ته مذڪوره چرس پشاور کان ڪراچي منتقل ڪرڻ بعد ٻاهرين ملڪ منتقل ڪيو وڃي ها پوليس ڪاروائي دوران هڪ جوابدار خيبر ايجنسي واسي محمد داؤد مغل فرار ٿي ويو آهي هنڙاڻهن ٻئي طرف مذڪوره ڪيس جا ڪاروبار ٻنهي جوابدارن خلاف قلم PPC 324.353 سڌ آرمس ايڪٽ تحت 3 ڀار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا سنڌيار 06

خيل جي سٽ منڻ 26 ڪلوچرس ۽ هڪ پراڊو گاڏي هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي هن چيو ته ڳجهي اطلاع تي نيشنل هاءِ وي ٿي ڪائوني ڪري پراڊو کي ٻيهر روڪ ڪوشش ڪئي ته جوابدارن ڪار مٿان فائرنگ ڪرڻ شروع ڪئي جوابي فائرنگ ۾ هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو جڏهن ته ڪار ۾ سندس ساٿي جوابدار فرار ٿي ويو آهي جنهن جي ڳولا لاءِ مختلف هنڌن تي ڪارواين جاري آهن سندس مٿان ڪيس داخل ڪري ڪيو آهي ۽ بني جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا ڪارواين جاري آهن

بقايا سنڌيار 07

ڪورٽ جي جج حافظ عطا الله شيخ ڀٽي ملتوي ڪري چڙي ڪيس جي فريادي پرويز چانڊيو ۽ ٻ رياب چانڊيو عدالت پهتا الزام هيٺ آيل ب پ ب ايم پي اي سردار احمد چانڊيو ۽ ايم پي اي ٻرهان خان چانڊيو عدالت ۾ پيش ٿيا جڏهن ته گرفتار جوابدار اڳوٽو ايس ايڇ او ڪرير بخش چانڊيو، سڪندر، مرتضيٰ، علي گوهر ۽ ٻين کي جيل مان عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ۽ ٻ رياب چانڊيو عدالت ٻاهران ميڊيا سان گفتگو ڪندي چيو ته حيرت جي گهڻ اها آهي ته گذريل تاريخ تي جوابدارن پاران ڪيس هلائڻ لاءِ اڄ جي تاريخ ورتي وئي هئي پر اڄ هڪ پيرو ٻيهر تاريخ ورتي وئي آهي واضح رهي ته زميندارن جو ڪيس اڳوٽي طرح ڏيڻ جو مقصد هن ڪي ۽ منهنجي خاندان کي سرداري نظام جو شڪار بڻائڻ آهي ۽ مان سمجهان ٿي ته جيڪڏهن انصاف نه ڏيڻ ڪي وئي ته هن ڪي به قتل ڪيو ويندو ڪيس ڀلي ڪيڏو به وڏو ڇو نه هجي، جڏهن ته ان ڪي اڄ تائين ڪنهن به ڪچهري ۾ نه ته ڪنهن ڪي ڪوشش ڪئي ته نه ڪنهن ڪي ڌمڪايو ۽ نه ئي ڪنهن ڪي ڪا ڌمڪي ملي آهي